

بسم الله الرحمن الرحيم



الصلوٰة والسلام عليك يا رسول الله

وعلى آلك واصحابك يا حبيب الله

اَلنِّكَاحُ مِنْ سُنَّتِيْ فَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِيْ فَلَيْسَ مِنِّيْ

(الحديث)

03023617740

مولوي فقير ش

مهتمم مد

بلد شاه مراد النقش



انتباهه

ناشر
مهراڻ سائنس پبليڪيشن ڪراچي
ٽريڊ مارڪ (مهراڻ سيريز) رجسٽرڊ

قانوني مشير
ذوالفقار علي شيخ صاحب
ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ سکر

ڪتاب جو نالو	:	"ڪتاب النڪاح"
مصنف	:	مولوي فقير شاهه مراد حسيني
ڪمپوزر	:	جان محمد سومرو
	:	آصف ڪمپوزرس لکي (0333-7597578)
پبلشر	:	مهراڻ سائنس پبليڪيشن ڪراچي
قيمت	:	=/15 روپيه

اسٽاڪسٽ

پير طريقت، رهبر شريعت، فيض روحانيت، حضرت قبلہ علامہ

محمد كرم الله الاهي نقشبندي قادري

"المعروف دلبر سائين"

دامة بركاته عاليه دربار عاليه فضل آباد شريف ماتلي ضلع بدين

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمدلله رب العلمين والصلواة والسلام عليٰ سيد المرسلين وآله وصحبه اجمعين.

اما بعد! نڪاح نبين سڳورن جي سنت آهي. انساني نسل جي بقا جو ذريعو آهي. شادي شيطاني شرارتن ۽ نفساني بدڪارين کان بچائي ٿي.

رب العالمين فرمايو آهي: **هن لباس لكم وانتم لباس لهن** (البقرة)

اهي (زالون) اوهان (مردن) لاءِ لباس آهن ۽ اوهان انهن لاءِ ڍڪ آهيو.

ڇڙهي گذارڻ کان شريعت منع ڪئي آهي. دنيا جي زندگي لاءِ بهترين سامان فرمانبردار گھرواري آهي.

حضرت پاڪ نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته: **انما الدنيا متاع وليس من متاع الدنيا شيءُ افضل من المراة الصالحة** (ابن ماجہ)

هي دنيا ٿوري وقت لاءِ نفعي وٺڻ جو سامان آهي. پوءِ دنيا جي نفعي وٺڻ وارين شين مان نيڪ زال جهڙي ٻي ڪا بہ ڀلي شيءِ نہ اهي.

شريعت پاڪ تاڪيد ڪيو آهي تہ هر مسلمان جنهن کي جسماني قوت ۽ مالي همت آهي اهو ضرور شادي ڪري.

شادي ۽ نڪاح جا مسئلا سکڻ بہ مسلمانن لاءِ لازم آهن. ان سلسلي ۾ اسان جي محترم ڀاءُ فقير شاهہ مراد حسيني جي هي ڪتابي ڪوشش لائق صد آفرين آهي. هن مختصر رسالي ۾ پاڻ نڪاح جا ضروري مسئلا جمع ڪيا اٿن.

رب ڪريم ڪين ان جو اجر عطا فرمائي. سندن علم ۽ عمل ۾ مزيد ترقي عطا فرمائي. (آمين)

بجاهِ سيد المرسلين

فقير ڪرم الله

خادم خانقاھ عاليه فضل آباد شريف

ماتلي ضلع بدين، سنڌ

١ ذوالقعد ١٤٢٩ھ

بسم الله الرحمن الرحيم

الصلوٰة والسلام عليك يارسول الله

وعلىٰ آلك واصحابك يا حبيب الله

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم ﷺ اما بعد!

سڀ تعريفون ان حقيقي ذات پاڪ لاءِ آهن. جيڪو ساري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. انهيءَ رب العزت عزوجل يا ڪروڙين ڪرم جنهن اسان بدڪارن تي ٿورو ڪري پنهنجو محبوب ڪريم سرور ڪائنات سيد المرسلين سيد العالمين رحمة للعالمين حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ اسان ڏانهن موڪليو جنهن اسان بدڪارن انسانن کي انسانيت جو سبق ڏنو حلال ۽ حرام ۾ فرق ٻڌايو يعني شريعت پاڪ سيکاري انهيءَ شريعت پاڪ ۾ نڪاح به سنت رسول آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هي ننڍڙي ڪوشش "ڪتاب النڪاح" جي نالي سان مون حقير لکي رهيو آهيان. جيئن سنڌي پائر پڙهي ڪري ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪن.

رب العزت جل جلاله صدقي مدني سرڪار ﷺ جي منهنجي ننڍڙي ڪوشش کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبول و مقبول فرمائي. آمين

فقير شاهه مراد حسيني

مدرسه انوار مدينه بلد شاهه مراد

النقشبندي نزد ڪنڊڪوٽ

۷ شوال ۱۴۲۹هه

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمدلله رب العالمين والعاقبة المتقين والصلواة والسلام عليٰ سيد الانبياء والمرسلين. اما بعد: قال رسول الله ﷺ. **النكاح من سنتي فمن رغب عن سنتي فليس مني.** ترجمو: ”**رسول الله** ﷺ جن فرمايو ته نڪاح ڪرڻ منهنجي سنت آهي. جنهن انهيءَ جو انڪار ڪيو اهو مون منجهان نه آهي.

نڪاح جو طريقو

نڪاح مسجد ۾ پڙهڻ سنت آهي. اگر اتي ٿي نه سگهي ته ڪنهن ٻئي جاءِ تي نڪاح پڙهي سگهجي ٿو. نڪاح جي مجلس ۾ اگر گهوٽ ڪنوار ٻيئي موجود هجن ته وارث ۽ ٻن شاهدن اڳيان اول گهوٽ کان حق مهر پڇجي ته ڇا ٿو ڏئي؟ هاڻي ادا ٿو ڪري يا بعد ۾ ادا ڪندو. پوءِ ڪنوار کان پڇجي ته فلاڻو پٽ فلاڻي جو هيتري مهر ۾ تو ان کي پنهنجو مڙس ڪيو؟ ٽي ڀيرا پڇجي اگر ڪنوار مجلس ۾ موجود نه اهي ته ان کان پڇڻ لاءِ ٻه شاهد موڪلجن جيڪي ان کان مٿين ڳالهه پڇن ته فلاڻو پٽ فلاڻي جو هيتري مهر ۾ تو ان کي پنهنجو مڙس ڪيو ٽي ڀيرا پڇجي. پوءِ گهوٽ کان پڇجي ته فلاڻي ڌيءَ فلاڻي جي (پيءُ جو نالو وٺجي) کي تو پنهنجي زال ڪري قبول ڪيو. ٽي ڀيرا پڇجي.

اگر عورت ڪنهن کي پنهنجو وڪيل بڻائي ته اهو وڪيل به ڪنوار جي پاران نڪاح وجهي ڏئي سگهي ٿو. ان کي ايجاب ۽ قبول چئبو آهي.

ڪنواري عورت جو زبان سان هاڪار ڪرڻ. يا ڪنڌ سان هاڪار ڪرڻ، يا روئڻ (خوشي وارو) سڀ هاڪاري آهن.

رنڙ عورت لاءِ لازمي آهي ته زبان سان هاڪار جا لفظ چوي. پوءِ برڪت خاطر گهوٽ کي ڪلما ۽ ايماني دعائون پڙهائن ته بهتر آهي.

ان کانپوءِ نڪاح پڙهائيندڙ خطبو نڪاح پڙهي ۽ دعا نڪاح گهرڻ وقت ٻيئي هٿ کڻي دعا گهري.

ان کانپوءِ کير ۽ کارڪ. کارڪ نه ملي ته. ڳڙ پڙهي گهوٽ ۽ ڪنوار کي کارايو وڃي ته بهتر آهي.

ميت ڏانهن ڪلمن ۽ ايماني دعائن
گهوٽ جي ثواب خاطر پڙهائڻ گهرجن

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

① لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ۝

---

② اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَمَلَائِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ ـ

---

③ اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ كَمَا هُوَ بِاَسْمَائِهٖ وَصِفَاتِهٖ وَقَبِلْتُ جَمِيْعَ اَحْكَامِهٖ اِقْرَارٌ بِاللِّسَانِ وَ تَصْدِيْقٌ بِالْقَلْبِ

---

④ اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ رَبِّىْ مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ اَذْنَبْتُهٗ عَمَدًا اَوْ خَطَاً سِرًّا اَوْ عَلَانِيَةً وَّ اَتُوْبُ اِلَيْهِ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِىْ اَعْلَمُ وَمِنَ الذَّنْبِ الَّذِىْ لَآ اَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ وَ سَتَّارُ الْعُيُوْبِ وَغَفَّارُ الذُّنُوْبِ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِىِّ الْعَظِيْمِ ۝

5 اَللّٰہ رَبِّی جَلَّ جَلَالَہٗ مُحَمَّدٌ رَسُوْلِیْ
وَالْقُرْآنُ اِمَامِیْ وَالْکَعْبَۃُ اللّٰہِ قِبْلَتِیْ
وَالْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَانِیْ وَالْاِسْلَامُ دِیْنِیْ۔

6 اَللّٰھُمَّ اِنِّیْٓ اَعُوْذُبِکَ مِنْ اَنْ اُشْرِکَ بِکَ شَیْئًا وَّ اَنَا
اَعْلَمُ بِہٖ وَ اَسْتَغْفِرُکَ لِمَا لَآ اَعْلَمُ بِہٖ تُبْتُ عَنْہُ وَ تَبَرَّأْتُ
مِنَ الْکُفْرِ وَالشِّرْکِ وَالْکِذْبِ وَالْغِیْبَۃِ وَالْبِدْعَۃِ
وَالنَّمِیْمَۃِ وَ الْفَوَاحِشِ وَالْبُھْتَانِ وَالْمَعَاصِیْ کُلِّھَا
وَ اَسْلَمْتُ وَ اَقُوْلُ لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰہِ ○

خطبۂ نکاح

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ جَعَلَ النِّكَاحَ سَبَبًا لِّلْاَنَامِ وَصْلَ الْاَرْحَامِ قَاطِعًا بَيْنَ الْحَلَالِ وَالْحَرَامِ كَمَا قَالَ اللّٰه تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِى الْقُرْآنِ الْمَجِيْدِ وَالْفُرْقَانِ الْحَمِيْدِ۔ فَاَعُوْذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۔ فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ج فَاِنْ خِفْتُمْ اَنْ لَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً ط وَقَدْ قَالَ النَّبِىُّ صلى الله عليه وسلم۔ اَلنِّكَاحُ مِنْ سُنَّتِىْ فَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِىْ فَلَيْسَ مِنِّىْ۔ قَالَ

الْفُقَهَاءِ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تعالىٰ ط اَلنِّكَاحُ
يَنْعَقِدُ بِالْاِيْجَابِ وَالْقَبُوْلِ عِنْدَ حُضُوْرِ
شَاهِدَيْنِ عَاقِلَيْنِ بَالِغَيْنِ مُسْلِمَيْنِ فِیْ
مَجْلِسٍ وَّاحِدٍ ثُمَّ اعْلَمُوْا رَحِمَكُمُ اللّٰهُ
تَعَالٰى اِنَّ الْخَاطِبُ رَاغِبٌ وَالْمَخْطُوْبَةَ
مَرْغُوْبَةٌ وَالْمَهْرُ عَلٰى مَا تَرَاضَيَاهُ
وَسَمَّيَاهُ فِی الْخُطْبَةِ قَبْلِ الْخُطْبَةِ وَاَقُوْلُ
قَوْلِیْ هٰذَا وَاسْتَغْفِرُ اللّٰهَ لِیْ وَلَكُمْ وَلِسَائِرِ
الْمُسْلِمِیْنَ وَصَلَّی اللّٰهُ تعالىٰ عَلٰى خَيْرِ
خَلْقِهٖ وَنُوْرِ عَرْشِهٖ وَزِيْنَتِ فَرْشِهٖ مُحَمَّدٍ
وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِیْنَ ط
اِنَّهٗ تَعَالٰى جَوَّادٌ غَنِیٌّ قَدِيْمٌ مَلِكٌ بَرٌّ
رَئُوْفُ الرَّحِيْمُ

دعاء نکاح

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ آدمَ علٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ السَّلَامُ وَحَوَّاءَ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ شِیۡثُ علٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ السَّلَامُ وَبِیۡضَآءَ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ اِبۡرَاهِیۡمَ علٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ السَّلَامُ هَاجِرَةَ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ یُوۡسُفَ علٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ السَّلَامُ وَ زُلَیۡخَاءَ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ اَیُّوۡبَ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ السَّلَامُ وَرَحِیۡمَاءَ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ سُلَیۡمَانَ علٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ السَّلَامُ وَ بِلۡقِیۡسَآءَ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ مُوۡسٰی عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ السَّلَامُ وَ صَفُوۡرَاءَ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا کَمَا اَلَّفۡتَ بَیۡنَ سَیِّدِنَا وَسَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ مَوۡلَانَا وَمَوۡلَی الثَّقَلَیۡنِ مُحَمَّدٍ ﷺ و بَیۡنَ خَدِیۡجَةِ نِ الۡکُبۡرٰی وَعَائِشَةِ الصِّدِّیۡقَةِ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفۡ بَیۡنَهُمَا

كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ اَبِى بَكْرِنِ الصِّدِيْقِ وَاُمِّ رُوْمَانَ رَضِىَ اللّٰهُ تَعالٰى عَنْهُمَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ عُمَرَ وَاُمِّ كَلْثُوْمِ رَضِىَ اللّٰهُ تَعالٰى عَنْهُمَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ عُثْمَانَ وَرُقَيَّةَ رَضِىَ اللّٰهُ تَعالٰى عَنْهُمَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ عَلِيٍّ وَّ فَاطِمَةِ الزُّهْرَآءَ رَضِىَ اللّٰهُ تَعالٰى عَنْهُمَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ حَسَنٍ وَّكَذْبَانُو رَضِىَ اللّٰهُ تَعالٰى عَنْهُمَا ☆ اَللّٰهُمَ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ حُسَيْنٍ وَّشَهْرِبَانُوْ رَضِىَ اللّٰهُ تَعالٰى عَنْهُمَا ☆

اٰمِيْنَ يَا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ☆ اَللّٰهُمَ اغْفِرْ لِلْحَاضِرِيْنَ وَالْاَهْلِ هٰذَا الْمَجْلِسِ كُلِّهِمْ اَجْمَعِيْنَ ☆ وَنَجِّنَا مِنَ الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ☆ فِى الدُّنْيَا وَالدِّيْنِ وَارْزُقْ مُؤَلِّفَ هٰذِهِ الْكَلِمَاتِ كَالدُّرِّ الثَّمِيْنِ خَيْرَ الدُّنْيَا وَالدِّيْنِ اٰمِيْنَ ☆ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ وَنُوْرِ عَرْشِهٖ وَزِيْنَتِ فَرْشِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ، بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ☆

هيٺ ڏنل آيت ڪريم ڪير ۽ ڪارڪ يا ڳڙهه تي پڙهڻ گهرجي

اَعُوذُبِاللهِ مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيمِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

فَسَيَكۡفِيۡكَهُمُ اللّٰهُ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ۞

ترتيب: مٿي لکيل آيت ڪريم ست دفعه پڙهي اول ۽ آخر يارهن دفعا درود شريف پڙهي ڪير ۽ ڪارڪ يا ڳڙهه تي پڙهي دم ڪجي. ڪير ۽ ڪارڪ يا ڳڙهه گهوٽ ڪنوار کي کارائڻ گهرجي. انشاء الله العزيز گهوٽ ۽ ڪنوار ٻنهي جي پاڻ ۾ محبت ٿيندي.

دين اسلام ۾ نڪاح جي حرام ٿيڻ جا اصول

نڪاح جي حرام ٿيڻ جا چار اصول آهن:

(۱) نسلي (۲) رضاعي (۳) ازواجي (۴) سببي

(۱) نسلي:

نسلي يا نسبتي رشتي ۾ اصل ۽ فرع ۾ هيٺيون عورتون حرام آهن.

(۱) **اصول:** يعني ماءُ، ڏاڏي، پڙڏاڏي، ناني، پڙناني. اهڙي طريقي سان جيترو مٿي هجن.

(۲) **فروع:** يعني ڌيءُ، پوٽي، ڏوهٽي انهيءَ طرح جيترو هيٺ هجن اهڙي طرح ڀيڻ ڀائٽي، ڀاڻيجي، ڦڦي، ماسي، انهن سان به نڪاح

ڪرڻ حرام آهي.

(٢) رضاعي:

اها آهي جنهن ۾ ٻار ڪنهن عورت جي ٿڃ پيتي هجي. انکري رضاعي مائرن ۽ رضاعي ڀينرن سان نڪاح ڪرڻ حرام آهي. جيتوڻيڪ اها عورت جنهن ٿڃ ڏاتي هجي سا ڪنواري هجي توڙي پوڙهي هجي توڙي مثل بشرطيڪ جنهن ٻار ٿڃ ڏاتي هجي ان جي عمر اڍائي ورهين جي اندر هجي ۽ اهو بہ شرط آهي تہ کير ٻار جي پيٽ ۾ ويو هجي پوءِ کير ٿورو هجي يا گهڻو هجي.

(٣) ازواجي:

ازواجي منع ۾ هيٺيون عورتون حرام آهن.

(١) پنهنجي جمع ڪيل جي ڌيءُ يعني عورت جي اڳ جائي ڌيءُ جنهن کي عربيءَ ۾ ربيب چوندا آهن ۽ جيتري تائين زال جيئري آهي ايتري تائين ان جي ڀيڻ سان نڪاح ڪرڻ حرام آهي. اها مري ويئي يا طلاق ڏنائين تہ ان جي ڀيڻ سان نڪاح ڪرڻ جائز آهي.

(٢) پنهنجي زال جي ماءُ يعني سس اهڙي طرح سس جي ماءُ ۽ ان جي ناني ۽ ڏاڏي سان بہ نڪاح ڪرڻ حرام آهي توڙي پنهنجي عورت سان نڪاح ڪرڻ بعد جمع ڪيو هجي يا نہ ڪيو هجي مطلب تہ سس رڳو نڪاح ڪرڻ سان ئي حرام ٿي وڃي ٿي.

(٤) سببي منع:

انهيءَ عورت سان نڪاح جيڪا ڪنهن ٻئي جي نڪاح ۾ هجي يا وري جنهن جي عدّت نہ گذري هجي يا حامله عورت هجي تنهن سان نڪاح ڪرڻ حرام آهي.

جنهن مرد کي چار زالون آهن جيڪي زنده بہ آهن. انهيءَ مرد کي پنجين عورت سان نڪاح ڪرڻ حرام آهي.

رنڙ عورت جي اجازت

بيوھ رنڙ عورت جو نڪاح ان جي زباني اجازت ڪانسواءِ جائز نہ آھي. بعضي وقت عورتون دانھون ۾ انڪار ڪنديون آھن تہ بہ زور سان نڪاح پڙھائيندا آھن. ايئن ڪرڻ حرام آھي. اھڙي قسم جو نڪاح شريعت جي لحاظ کان ھرگز صحيح نہ ٿيندو.

نڪاح پڙھائيندڙ، شاھد، حاضر مجلس ۾ ويٺل سڀ ماڻھو سخت گنھگار ٿيندا. وڌيڪ فقہ جي ڪتابن جو مطالعو ڪندا. جيئن دين جي وڌيڪ ڄاڻ پوي.

مهر جو مختصر بيان

مھر يعني ڪابين ڏيڻ واجب آھي. صحيح حديثن ۾ ان جو گھڻو تاڪيد ڪيل آھي. گھٽ ۾ گھٽ مھر جو اندازو ٻہ تولا ست ماسا يعني پوڻا ٽي تولا چاندي يا ايتري رقم ڏئي باقي مھر جي گھٽائي جو اندازو مقرر نہ آھي. جيترو خوشي سان ڏئي سگھي ٿو. باقي مھر عورت جي ملڪيت آھي. اھا خوشي سان معاف ڪري سگھي ٿي.

گندي رسم تي ڌيان طلب

نياڻيون وڪڻڻ گناھ آھي. انھن تان پيسو وٺڻ حرام آھي. ھڪ حديث قدسي ۾ آھي تہ: تاجدار دوعالم ﷺ فرمايو تہ الله عزوجل ٿو فرمائي: ”قيامت واري ڏينھن ٽن ماڻھن سان منھنجي دشمني ھوندي جنھن سان مان دشمني رکندس ان کي ھلاڪ ڪري ڇڏيندس، (١) اھو ماڻھو جنھن منھنجي نالي سان قسم کنيو ۽ پوءِ ڦري ويو. (٢) اھو ماڻھو جنھن ڪنھن آزاد ماڻھو (پٽ يا نياڻي) کي وڪرو ڪري ان جي رقم وٺي کاڌي، (٣) اھو ماڻھو جنھن کو مزدوري تي رکيو اُن کان ڪم ورتائين پر انکي مزدوري نہ ڏنائين.

(هن حديث کي بخاري ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي).

ان طرح نياڻيون ويهاري ڇڏڻ وقت سر انهن جي شادي نہ ڪرائڻ بہ شرعي ڏوهہ آهي. يا پٽ جوان ٿي وڃن انهن جي شادي ۾ ڍاڍي واٽي سستي ڪرڻ بہ درست نہ آهي.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ: ”جنهن کي اولاد ڄمي تہ ان جو سٺو نالو رکي ۽ ان کي ادب سيکاري ۽ جڏهن بالغ ٿئي تہ ان جي شادي ڪرائي پر اگر بالغ ٿي ويو تہ ان جي شادي نہ ڪرايائين تہ:

فَاِنَّمَا اِثْمُہ عَلٰی اَبِیْہِ

ترجمو: ان جو گناهہ ان جي پيءُ مٿان آهي. (بيهقي)

وليمو ڪرڻ سنت آهي

شادي بعد وليمو ڪرڻ تاجدار دو عالم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي سنت مبارڪ آهي. پنهنجي عزيزن ۽ اجابن کي سڏي مفت کاڌو کارائڻ گهرجي ان تي پئسا وٺڻ جائز نہ آهي. پر گهوٽ کي تحفہ ڏيئي سگهجن ٿا.

تمت بخير